SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 1994

SINDH ACT NO.IX OF 1994

سنڌ جڊيشل اڪيڊمي ايڪٽ، 1993

THE SINDH JUDICIAL ACADEMY ACT, 1993

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اڪيڊمي جو قيام
Establishment of Academy

4. اڪيڊمي جا ڪم
Functions of Academy

5. بورڊ
Board

6. بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the Board

7. اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

8. صلاحڪارن، ڪنسلٽنٽس وغيره جي مقرري

Appointment of advisers, consultants, etc

9. ميمبرشپ وغيره تان استعيفيٰ

Resignation from membership, etc

10. ڊائريڪٽر جنرل

Director General

11. اڪيڊمي جي اسٽاف جي عملدارن ۽ ميمبرن جي مقرري

Appointment of the officers and members of the staff of the Academy

12. اڪيڊمي جو فنڊ

Fund of the Academy

13. بجيٽ وغيره

Budget etc

14. ساليانيون رپورٽون وغيره

Annual reports etc

15. ضابطا

Regulations

16. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

17. 1993 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance No.XVIII of 1993

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 1994

SINDH ACT NO.IX OF 1994

سنڌ جڊيشل اڪيڊمي ايڪٽ، 1993

THE SINDH JUDICIAL ACADEMY ACT, 1993

[7 مارچ 1994]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ صوبائي جڊيشل اڪيڊمي قائم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ صوبائي جڊيشل اڪيڊمي جو قيام ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جڊيشل اڪيڊمي ايڪٽ، 1993 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "اڪيڊمي" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل جڊيشل اڪيڊمي؛

(b) "بورڊ" مطلب دفعہ 5 تحت جوڙيل اڪيڊمي جو بورڊ آف گورنرس؛

(c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين، ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهو شخص جيڪو سندس طرفان سندس سمورا يا ڪجهه ڪم ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايو ويو هجي؛

(d) "ڊائريڪٽر جنرل" مطلب اڪيڊمي جو ڊائريڪٽر جنرل ۽ جنهن ۾ شامل آهي چيئرمين طرفان ڊائريڪٽر جنرل جا سمورا يا ڪجهه ڪم ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايل شخص؛

(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f) "ماتحت عدالتن جو ميمبر" مطلب ڊسٽرڪٽ ۽ سيشنس جج، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ۽ سيشنس جج، سينئر سول جج ۽ اسسٽنٽ سيشنس جج، سول جج ۽ جڊيشل ميجسٽريٽ جتي به مقرر هجي؛

(g) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا.

اڪيڊمي جو قيام
Establishment of Academy

3. (1) هن ايڪٽ جي نافذ ٿيڻ کانپوءِ، هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ، هڪ اڪيڊمي جوڙي ويندي، جنهن کي سنڌ جڊيشل اڪيڊمي طور ڄاتو ويندو.

(2) اڪيڊمي بادي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي هن ايڪٽ تحت ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ وڪرو ڪرڻ لاءِ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، ۽ جيڪا ڏيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ مٿس ڪيس ٿي سگهندو.

(3) اڪيڊمي جا هيڊ ڪوارٽرس ڪراچي ۾ هوندا.

اڪيڊمي جا ڪم
Functions of Academy

4. اڪيڊمي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) قانوني واقفيت، ماتحت عدالت جي ميمبرن، لا آفيسرن ۽ بار جي ميمبرن جي تربيت؛

(b) ماتحت عدالتن جي ميمبرن جي تعليم جاري رکڻ؛

(c) عدالتي نظام ۽ عدالتي ڪم جي معيار جي بهتري لاءِ ڪانفرنسن، سيمينار، ورڪشاپس ۽ سمپوزيا منعقد ڪرائڻ؛

(d) قانوني ۽ آئيني تحقيق تي معلومات مهيا ڪرڻ؛

(e) ماتحت عدالتن ۽ هاءِ ڪورٽ جي انتظاميا جي ميمبرن جا ڪاتيوار امتحان منعقد ڪرائڻ؛

(f) رسالا، يادگيريون، تحقيقي مقالا ۽ رپورٽون شايع ڪرائڻ؛ ۽

(g) اهڙا ٻيا لاڳاپيل ڪم ڪرڻ جن جي بورڊ طرفان منظوري ڏني وئي هجي يا جيئن وڏيڪ درخواست ڪئي وئي هجي.

بورڊ
Board

5. (1) اڪيڊمي جي معاملن جي عام هدايت ۽ انتظام ذيلي دفعه (2) تحت جوڙيل بورڊ حوالي هوندا.

(2) بورڊ مشتمل هوندو:

(i)	چيف جسٽس، هاءِ ڪورٽ آف سنڌ	چيئرمين
(ii)	سنڌ هاءِ ڪورٽ جو سينئر جج	وائيس چيئرمين
(iii)	اٽارني جنرل پاڪستان	ميمبر
(iv)	قانون وارو وزير	ميمبر
(v)	ايڊووڪيٽ جنرل، سنڌ	ميمبر
(vi)	سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف	ميمبر

	جسٽس طرفان نامزد ڪيل هڪ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشنس جج	
(vii)	سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس پاران نامزد ڪيل بار جو هڪ سينئر ميمبر	ميمبر
(viii)	سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيل لا ڪاليج جو هڪ پرنسپال	ميمبر
(ix)	سنڌ حڪومت جي قانون واري ڪاتي جو سيڪريٽري	ميمبر
(x)	سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيل هڪ نامياروعالم	ميمبر
(xi)	رجسٽرار، سنڌ هاءِ ڪورٽ	ميمبر
(xii)	اڪيڊمي جو ڊائريڪٽر جنرل	ميمبر / سيڪريٽري

(3) ڪا آسامي خالي هجڻ ڪري يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ نقص سان بورڊ جو ڪو عمل يا ڪا ڪارروائي غير موثر نہ ٿيندي.

(4) بورڊ جي ميمبرن جي عهدي جو مدو، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرن جي، جيستائين انهن کي اڳ ۾ هٽايو نہ وڃي، ٽي سال هوندو.

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Board

6. اڪيڊمي جا مقصد هاصل ڪرڻ لاءِ، بورڊ ڪري سگهندو:

(a) اڪيڊمي جي معاملن جي عام نظرداري ڪندو،

(b) قانوني واقفيت، تدريس جاري رکڻ ۽ ماتحت عدالتن جي ميمبرن جي تربيت، لا آفيسرن ۽ بار جي ميمبرن، ۽ تربيت جي ڪورس جي منظوري لاءِ پاليسي ۽ پروگرام جوڙيندو؛

(c) اڪيڊمي جي سرگرمين جو معائنو ڪندو ۽ اندازو لڳائيندو؛

(d) بجيٽ جي ڪاٽن تي غور ڪندو ۽ منظوري ڏيندو؛

(e) وفاقي سرڪار، صوبائي سرڪار يا امداد ڏيندڙ ايجنسيز کان امداد جي مد ۾ گرانٽس حاصل ڪندو؛

(f) اڪيڊمي طرفان حاصل ڪيل رقمن ۽ خرچ ڪيل رقمن بابت اڪائونٽس جو حساب ڪتاب رکندو ۽ انهن جي اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ طرفان آڊٽ جو انتظام ڪندو؛

(g) آسامیون پيدا ڪندو، ختم ڪندو ۽ ملتوي ڪندو؛

(h) اڪيڊمي جي اسٽاف جي ميمبرن جون ذميواريون متعين ڪندو؛

(i) اهڙي اسٽاف جي ڪنهن ميمبر کي نوڪري تي مقرر ڪندو، سسپينڊ ڪندو، سزا ڏيندو يا برطرف ڪندو؛

(j) اڪيڊمي لاءِ ڪنهن عمارت کي خريد ڪندو، مسواڙ تي وٺندو، تعمير ڪندو يا انتظام ڪندو؛

(k) اڪيڊمي سان لاڳاپيل سمورن معاملن کي هلائيندو، طئي ڪندو ۽ سنڀاليندو؛ ۽

(l) اڪيڊمي جي سهولتن سان لاڳاپيل معاملن جو فيصلو ڪندو يا ڪنهن هڪ معاملي جو جيڪو ڊائريڪٽر جنرل بورڊ جي نوٽيس ۾ آڻيندو.

7. بورڊ پنهنجا سمورا يا ڪجهه اختيار ۽ ڪم چيئرمين، اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers

بورڊ جي ڪنهن ميمبر يا ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿو.

بشرطيڪ ڊائريڪٽر جنرل، هنگامي صورتحال ۾، جنهن ۾ هن جي خيال ۾ تڪڙي قدم کڻڻ جي ضرورت هجي، چيئرمين کان اڳواٽ منظوري سان اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو.

صلاحڪارن، ڪنسلٽنٽس وغيره جي مقرري

Appointment of advisers, consultants, etc

8. بورڊ ڪنهن شخص کي صلاحڪار، ڪنسلٽنٽ يا ماهر اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪري سگهي ٿو جيئن اهو طئي ڪري.

ميمبرشپ وغيره کان استعيفيٰ

Resignation from membership, etc

9. (1) بورڊ جو ڪو به ميمبر، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي، ڪنهن به وقت تي، سندس هٿ لکت سان عهدي تان چيئرمين کي استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.

(2) ڪنهن ميمبر جي آفيس ۾ عارضي آسامي جي صورت ۾، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي، ان کي چيئرمين طرفان نامزدگي سان ڀريو ويندو، جيڪو رهيل مدي لاءِ ميمبر هوندو.

10. (1) بورڊ جي گڏجاڻي چيئرمين طرفان ڪوٺائي ويندي؛ بشرطيڪ بورڊ جي ٻن گڏجاڻين وچ ۾ ڇهه مهينن کان وڌيڪ عرصو نه هئڻ گهرجي.

(2) چيئرمين، يا ان جي غير موجودگي ۾، وائيس چيئرمين، بورڊ جي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو.

(3) بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم پنج ميمبر هوندو.

(4) بورڊ، وقت بوقت، پنهنجي ميمبرن منجهان ماڻهن جي اهڙن ورڪنگ گروپس کي مقرر ڪري سگهي ٿو يا ٻي

صورت ۾ جيئن اهو ضروري سمجهي، انهن کي اڪيڊمي جي لاڳاپيل ڪمن جي حوالي سان مخصوص ڪم سونپي سگهي ٿو.

ڊائريڪٽر جنرل
Director General

11. (1) ڊائريڪٽر جنرل بورڊ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو جيئن اهو طئي ڪري ۽ اهو بورڊ جي عام هدايتن موجب پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندو.

(2) ڊائريڪٽر جنرل اداري جي نظم و ضبط ۽ حسن ڪارڪردگيءَ جو ذميوار هوندو.

(3) ڊائريڪٽر جنرل اڪيڊمي جو پرنسپال اڪائونٽنگ آفيسر هوندو.

اڪيڊمي جي اسٽاف جي عملدارن ۽ ميمبرن جي مقرري
Appointment of the officers and members of the staff of the Academy

12. (1) اڪيڊمي جي اسٽاف جا عملدار ۽ ميمبر يا تہ سڌي سنئين ڀرتي، بدلي، ڊيپوٽيشن تي مقرر ڪيا ويندا يا ٻي صورت ۾ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن بورڊ طئي ڪري.

(2) ڊائريڪٽر جنرل:

(a) بورڊ طرفان جوڙيل سليڪشن ڪميٽي جي سفارش تي 16 اسڪيل تائين بيسڪ پي اسڪيل ۾ عهدن تي اسٽاف جي ميمبرن جون مقرريون ڪري سگهي ٿو؛ ۽

(b) بورڊ طرفان جوڙيل سليڪشن ڪميٽي جي سفارش تي ۽ چيئرمين کان اڳواٽ منظوريءَ سان، بنيادي پي اسڪيل 17 ۽ ان کان مٿي عملدار مقرر ڪري سگهي ٿو.

اڪيڊمي جو فنڊ
Fund of the Academy

13. (1) حڪومت، وقت بوقت اڪيڊمي جي معاملن کي بهتر نموني هلائڻ لاءِ فنڊس رکي فراهم ڪندي.

(2) اڪيڊمي کي هيٺين وسيلن کان پڻ مالي مدد ٿي سگهي ٿي، يعني:

(i) وفاقي ۽ صوبائي حڪومت طرفان گرانٽس؛

(ii) ان جي اشاعتن يا رايلٽيز مان؛ ۽

(iii) قومي ۽ بين الاقوامي ايجنسين طرفان امداد.

(3) اڪيڊمي جا فنڊ اڪيڊمي ۾ هوندا، ۽ اهي اڪيڊمي جي ذاتي ليجر اڪائونٽ ۾ رکيا ويندا جيڪو حڪومت جي ٽريزري ۾ کوليو ويندو يا چيئرمين جي منظوري سان هڪ شيڊولڊ بئنڪ ۾ رکيا ويندا، ۽ ڊائريڪٽر جنرل طرفان سنڀاليا ويندا.

بجيٽ وغيره
Budget etc

14. (1) ڊائريڪٽر جنرل، هر مالي سال جي سلسلي ۾ هڪ بيان جيڪو ڪٽيل حاصلات، موجود ۽ ترقيءَ جو خرچ ڏيکاريندو ۽ رقمون جيڪي هڪ مالي سال دوران حڪومت کي گهربل آهن. اهڙي تاريخ تي ۽ اهڙي طريقي بورڊ جي منظوري لاءِ اماڻيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڊائريڪٽر جنرل بورڊ طرفان منظور ڪيل بجيٽ کان علاوه ڪو خرچ نه ڪندو.

(3) اڪيڊمي جا اڪائونٽس اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

سالياني رپورٽون وغيره
Annual reports etc

15. (1) هر مالي سال جي خاتمي جي ٻن مهينن اندر، ڊائريڪٽر جنرل گذريل مالي سان دوران ڪيل مختلف سرگرمين جي سلسلي ۾ بورڊ ڏانهن سالياني رپورٽ اماڻيندو، جنهن سان گڏ اڪيڊمي جي اڪائونٽس بابت اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جي رپورٽ به هوندوي.

(2) بورڊ، وقت بوقت حڪومت کي اڪيڊمي جي فنڊس ۽ ان جي پروگرامن بابت رپورٽ اماڻيندو.

ضابطا

16. بورڊ هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا

جوڙي سگهي ٿو.

Regulations

17. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، بورڊ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن سان تڪرار ۾ نه هجي، جيڪو اهڙي رنڊڪ هٽائڻ جي مقصد لاءِ ضروري هجي.

رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

18. سنڌ جڊيشل اڪيڊمي آرڊيننس، 1993 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

1993 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance No.XVIII of 1993

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.